ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

OPEN ACCESS
CC BY NC

**ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي**
ائسوسئيٽ پروفيسر، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، محرابپور، ضلعو نوشهروفيروز، سنڌ

# سنڌي ادب جي تخليقڪارن، محققن ۽ نقادن جي ڪم جو مختصر اڀياس

**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani***
Associate professor, Govt Boys Degree College, Mehrabpur, District, Naushero Feroze, Sindh.
***Corresponding Author:**

## A Brief Study of the Works of the Writers, Researchers, and Critics of Sindhi Literature

Sindhi is an ancient language whose evolution and development journey are different centuries. Sindhi writers, researchers and critics have been promoting their language in literary annals by presenting the best creations, researches and criticisms in Sindhi language on various aspects, highlighting the history, civilization and culture of Sindhi. From ancient times to the present 21st century, Sindhi literature has achieved historical status. Many Creator, researcher, and critical thinker is a visionary who weaves together the threads of art, science, and philosophy to create innovative and thought-provoking works. With a poet's sensitivity and a researcher's rigor, this individual navigates the complexities of human experience, seeking to understand and interpret the world in all its beauty and complexity. Through their work, they challenge assumptions, spark new ideas, and inspire others to think critically and creatively.

**Key Words:** *Characteristics, Interdisciplinary, approach, thinking, innovative and holistic perspectives.*

**مذڪوره تحقيق جو مقصد آهي، سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ محققن جي ذميوارين ۽ فرضن کي آڏو رکي انهن جي ڪم ڪرڻ جي انداز جو تعيُن**

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02



ڪرڻ ته، سنڌ جي تخليقڪارن پنهنجي تخليق، تحقيق ۽ تنقيد جي ذريعي سنڌ جي سماج جي مسئلن کي کهڙي ريت اجاگر ڪري پيش ڪيو آهي. ۽ ڪري رهيا آهن. ان لاءِ جڏهن اخبارن، رسالن، مختلف اديبن، محققن، نقادن ۽ ادبي تاريخن جو مطالعو ڪريون ٿا ته، تن جي موضوعن ۽ مواد مان، جا معلومات آڏو اچي ٿي ته، سنڌي ٻوليءَ جي اديبن پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ انهن جي ڪوشش جو ئي نتيجو آهي جنهن ڪري سنڌي ادب گهڻي وافر مقدار ۾ اسان تائين پهتو آهي، جنهن ۾، سنڌ جو تاريخي پسمنظر سمايل آهي. سنڌ جي ليکڪن قديم توڙي جديد ادب ۾ سنڌي ٻولي، ڌرتي، قومَ سماج جي اخلاقي، ثقافتي، تاريخي، تمدني ۽ تهذيبي پس منظر کي ڌيان ۾ رکي انهيءَ جي سونهن کي سرس ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ادب جو بنيادي مقصد ئي اهو هوندو آهي ته، پنهنجي قوم جي ثقافتي ۽ تاريخي حقيقتُن جي نمائندگي ڪري پنهنجي دؤر جي تاريخ ۽ ثقافت کي نمايان ڪري پيش ڪرڻ هوندو آهي، ۽ اهو ئي نظر اچي ٿو.

سنڌ جا تخليقڪار، محقق ۽ نقاد سنڌي ادب جا جا خالق ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي قوم جا عظيم خدمتگار آهن ۽ ڪڏهن به نه وسرندڙ سنڌي قوم جا محسن آهن، وقت جي ضرورت آهي ته، پنهنجن محسنن جي ادبي پورهئي کي نوجوان نسل ڏانهن منتقل ڪجي ۽ انهن کي احساس ۽ آگاهي وارو ڏس ڏجي ته، جيئن وطن جي ٻولي، تاريخ، تهذيب، ثقافت، مذهبي ۽ سائنسي ادب جي مطالعي ڏانهن ڌيان ڏرين ۽ پنهنجي صدين جي سرمايي کي ساه ۾ سانڍي نسل در نسل منتقلي وارو سلسلو قائم رکي سگهڻ جو احساس هٿان نه وڃائين. جهڙي طرح هر باشعور قوم وٽ پنهنجو علمي ورثو هوندو آهي ۽ انهيءَ ورثي مان قوم ثمر پائي اڳتي وڌنڌي ۽ پنهنجي ارتقائي سفر ۽ شعور کي پڪو پختو ڪندي رهندي آهي، تهڙي طرح سنڌي قوم جي ڏاهپ توڙي فهم ۽ فڪر کي ڏسڻو آهي ته، سندن تخليقي، تحقيقي ۽ تنقيدي سوچ مان

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

ماخذ تحقیقی مجلہ

پتو لڳائي سگهجي ٿو تہ، سنڌي قوم سدائين پنهنجي فهم ۽ ادراڪ سان وڏن وڏن حملي آورن جي حملن سان مُنهن ڏئي پنهنجي وطن جي تهذيب ۽ تاريخ جو بول بالا ڪندي پنهنجي ٻولي، ادب ۽ قوم واري انفرادي تشخص کي محفوظ پئي رکيو آهي ۽ ٻاهرين حملي آورن جي ارادن ۽ نيتُن ۽ ڪيل نقصانن جو پوراءُ ڪري پاڻ بچائي رکيو آهي. سنڌي سماج کي توڙي جو بار بار ٽوڙڻ ۽ پاڻ ۾ ورهاڱو ٿيون پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن، تن سڀني ڪوششن کي عوام ناڪام بڻائي ڌارين جي چالبازين ۽ چالاڪين کي سمجهي رد ڪرڻ ۾ سرخرو ٿيو آهي. پاڪستان جي ڌرتي تي قدرت ۽ فطرت ايترا تہ مهربان آهن جو ان ۾ هزارين وسيلا آهن جن مان استفادو حاصل ڪرڻ جا ڪروڙين موقعا آهن. اسين سڀ هڪ آهيون، اسان جا جذبا، ڏک سک هن ملڪ سان سلهاڙيل آهن ۽ اسان ۾ ڪابہ وٿي ۽ ورهاڱي ڪونهي جنهن ڪري، اسان جي تاريخ دنيا جي ملڪن ۾ خاص نمائندگي ڪري ٿي.

قديم زماني کان سنڌ سياڄيءَ جي خمير مان ڪيئي ڏات ڌڻي پيدا پئي ٿيندا رهيا آهن، انهن اميرن ڪبيرن، اسڪالرن، تعليمدانن، تخليقڪارن، محققن ۽ نقادن جي فهم ۽ فڪر جو ذڪر دنيا جي تاريخن ۾ نهايت ئي احترام سان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي فنڪارن، ڪاريگرن ۽ هنر مندن پنهنجي پورهئي سان پيار ڪيو آهي ۽ پراون حقن تي بُريون نظرون نہ رکيون آهن، پنهنجو ڪمايو ۽ پنهنجو کاڌو آهي ۽ برڪت ڀري زندگي گذاري آهي. اهو سر بستو احوال سنڌ جي مختلف حاڪمن سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن، ميرن يا ٽالپُرن، انگريزن ۽ آزاديءَ جي دور جي ادب مان پرکي سگهجي ٿو تہ، سنڌ جي بزرگ هستيُن ڌرتيءَ جو مانُ مٿاهون ڪرڻ لاءِ وڏيون عظيم قربانيون ڏئي بہ، سنڌ جي عظمت کي برقرار پئي رکيو آهي. سنڌ جي تخليقڪارن جي تخليقن ۾ ملڪي توڙي عالمي سطح جون تخليقون ملن ٿيون تہ ٻئي طرف پنهنجي سماجي گهرجن پٽاندڙ ادب تخليق ٿيندو رهيو آهي.

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

ماخذ تحقیقی مجلہ

اڄوڪيءَ صديءَ جي مختلف چئلينجن کي هلندڙ زماني مطابق مُنهن ڏيڻو آهي. ان لاءِ مطالعو، مشاهدو ۽ مشق ضروري آهي. ٻوليءَ پنهنجي سر ڪجھ بہ نہ هوندي آهي، سماج ان کي جيارينڊو آهي ۽ سماج ان کي مارينڊو آهي. هن وقت اسان پنهنجي ٻوليءَ کان جڙ تہ، لاتعلقي ڏيکاري رهيا آهيون چاڪاڻ جو تخليقي سگھہ ۽ صلاحيت ڪمزور ٿيندي پئي وڃي، چاڪاڻ جو اسان جي روزمره واري زندگي انهيءَ کان غائب نظر اچي ٿي. سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ انتظامي معاملن کي پنهنجي انفرادي فائدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اجتماعي مسئلن کي قربان ڪرڻ جي سوچ غالب پئجي وئي آهي. جنهن ڪري هڪ طرف سماج تڪليفن ۾ آهي، ۽ انهن جي اهنجن کي ڪير بہ بيان ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، تہ ٻئي طرف انسان ٻئي انسان کان خفا ٿي پيو آهي جنهن ڪري حالتون گنڀير ٿينديون پيون وڃن. هن صورتحال ۾ هڪ تخليقڪار، محقق ۽ نقاد لاءِ محنت ۽ مطالعو درڪار آهي.

**تخليقڪار**: هي لفظ لغوي لحاظ کان وسيع معنيٰ رکي ٿو. تخليق ڪندڙ جي معنيٰ آهي خالق، ڪنهن شيءِ جو جوڙيندڙ مطلب تہ، تخليقڪار هڪ گھڻ پاسائون اصطلاح آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جا ڪيئي رنگ ڪيتريون صورتون نمايان ٿينديون آهن. جنهن ۾ تخليقڪار پنهنجي تخليق جو جوهر يا روح پيدا ڪري ڇڏي ٿو. زندگيءَ جا ڳجھا توڙي ڇٽا راز هجن يا زمين ۽ آسماني مخلوق جا ڳجھا مسئلا، جيئن روح آهي ان کي سمجھڻ ڪو ايترو آسان ڪونهي ڪيترا فلسفي ۽ ڏاها ان متعلق ڪيئي ڳالهيون گھڙيندا ۽ ٻڌائيندا رهن ٿا، ۽ انساني عقل حيرت ڪائي ٿو. انساني تمدن جيڪو هزارين صدين کان قائم آهي انهيءَ ۾ پراڻ ۽ جدت جا بحث ٿيندا رهن پيا ۽ ٿيندا رهندا، ڪڏهن قدامت پسنديءَ ۽ ڪڏهن آزاد پسنديءَ جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. ڪيئي وهم ۽ وسوسا آهن جيڪي انساني عقل جا فطري عمل آهن. انساني عقل جا ڪيئي لاها چاڙها آهن، دماغ سوچي ٿو محسوس ڪري ٿو،

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

ڪڏهن به انهيءَ ۾ مانار ناهي اچٽي. فطرت ۾ ڪروڙين شيُن جو وجود آهي حسن ۽ حق آهي. هيءُ شيءِ ڪَسِي چو آهي ۽ هي سُٺِي چو آهي. هي وٽي تي ۽ هي نہ تي وٽي انهيءَ مان تخليق جنم وني تي. انسان جتي رهي تو، ڪائي پئي تو، گهمي قري تو اجتماعي زندگيءَ ۾ ڪيئي سوال آهن، جڏهن تي انهن سوالن ۽ جوابن تي وڏي مٿا ڪُٿ ٿيندي رهي آهي ڪي سوچين تا ۽ ڳالهائين تا ۽ لکن، تقريرون ڪن تا ۽ اهي تقريرون ۽ تحريرون سوچڻ ويچارڻ تي لکين خلق کي مجبور ڪن ٿيون، جن مان هاڪاري ۽ ناڪاري اثرات بہ نمايان ٿين تا. اهي سلسلا صدين جا آهن. "اهڙو بہ دور رهيو آهي، جڏهن ماڻهو اجتماعي عمل ۽ فطرت جي ارتقا واري وهڪري کان هٽي ٻين مسئلن کي منهن ڏيئي رهيا هئا. حقيقت ڇا آهي...روح ۽ خدا ڇا آهي، تمام گهڻا سوال هئا جن مان وجود ۽ عدم وجود جو هڪ تصور جڙڻ کان علاوه هڪ عملي سلسلي جو رجحان ملي تو. اهو ڪجهہ ڪتان آيو، جيڪي فطرت ۾ ڦهليل آهي، ڇا اها ڪا بنيادي طاقت آهي، اها طاقت فطرت جي اندروني طاقت آهي. اها ڪهڙي طاقت آهي؟ موهن جي دڙي واري سماج ۾ تہ، اها طاقت "**پيار**" جي هئي جنهن جو ثبوت اسان کي ائين ملي تو تہ موهن جي دڙي جي سماج ۾ تخليق جي حوالي سان عورت ۽ ڌرتيءَ جي پوجا ٿيندي هئي. اجتماعي طور ڏڻ ملهائڻ وقت تخليقي عمل ٿيندا هئا." (ميمڻ، ٢٠١٧: ٥١، ٥٢) هي ڌرتي دنيا جي تهذيبن جو اهم مرڪز آهي، جتي وڏا وڏا تخليقي ڪم ٿيا آهن، جيڪي انسان کي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. انهيءَ تهذيب جا حيرت انگيز قديم اهڃاڻ جن تي اڄ بہ علم الانسان ۽ قديم آثارن جا ماهر سوچين تا تہ، سنڌو تهذيب جي آڏاوت ڏاڍي خوبصورت تي هوندي، هي تہ، هڪڙو شهر آهي، سنڌ جو چپو چپو اهڙن هزارن آثارن تي آذاريل آهي جتي قدرت ۽ فطرت جي نهايت ئي خوبصورت تصوير چٽيل آهي. ننڍپڻ جي ڳالهہ تہ، ڳوٺ گاهي خان جلباڻي جي اولهہ طرف ناري جي اورينءَ پر آباد زمين تي هڪ هاري ڌمُو عرف جمال الدين جلباڻي

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

ماخذ تحقیقی مجلہ

پنهنجي ڏاندن جي جوڙي ڪاهي ٻني ڪيڙيندو هو ته، ڪڏهن ڪڏهن اتان ڪيس لوها ۽ چانديءَ جا سڪا، چانديءَ جا زيور نڪر جا ٽانوَ توڙي عاج جون چوڙيون هٿ اينديون هُيون. وڏا ٻڌائيندا هئا ته، پير حاجي محمد شاه جيلاني ڪان وني گوندلن جي ڳوٺ ٽائين تقريباً ڏيڍ ٻن ڪلوميٽرن جو مفاصلو آهي، جتي قديم دور ۾ هڪ وڏو آباد شهر هو، جيڪو زماني جي پٽل سبب برباد ٿي ويو هو، ۽ انهيءَ علائقي ۾ اهڙي قسم جا سڪا ۽ ٻيون شيون لڌيون ويون. اهي سڪا، عاج جون چوڙيون ۽ چانديءَ جا زيور انساني تخليق جا نهايت سهڻا مثال ليکجن ٿا. بهرحال هيءَ ڌرتي قدرت پاران هڪ اهڙي تخليق آهي جتي صدين جو سرمايو دفن ٿيل آهي، ۽ انساني ذهن کي اتساه ملي ٿو ته، خالق جي تخليق انساني ذهن لاءِ وڏي آزمائش آهي، ته هُو به، اهڙي جاکوڙ ڪري جو پنهنجي سماج ۽ قوم لاءِ سک ۽ سهولتن وارين شين جي تخليق ڪندو رهي ٿو. انسان پنهنجي ضرورتن مطابق جنهن جنهن شيءِ جي گهرج پويس ٿي ته، پنهنجي ذهن سان جهيڙو جوٽي هُو هر حال ۾ تخليق ڪري وٺي ٿو. انساني ذهن قدرت پاران هڪ اهڙي عطا آهي جنهن جي وهڪري ۾ ڪڏهن به خاموشي نه ٿي اچي جنهن ڪري هيءُ هزارين تخليقون ڪندو اڳتي وڌندو رهي ٿو. اڄ به ڏسو اسان جي تخليقڪارن جي نظريي جون بنيادي پاڙون سنڌ جي قديم تاريخ ڏانهن ضرور وڃن ٿيون توڙي جو انهن ڪچن گهرن ۾ رهندڙ خوبصورت ۽ حسين عورت جي حسن جون هاڪون آهن، تن تي تمام گهٽو لکيو ويو آهي. دريا، موسم، وڻ ٽڻ، ڌرتيءَ جي ساوڪ ۽ ٻوٽن جي سرهاڻ، جهڙ ڦڙ، رم جهم، ٿڌڙي هوا جا جهوٽا قدرتي عمل آهن ۽ انهيءَ کي لفظن جو خوبصورت روپ ڏئي انسان وٽندڙ ٻڌائي ٿو. اڄ به تخليق جا پراڻا در بند ڪونه ٿيا آهن ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ ندرت ۽ نواڻ جا رنگ نظر اچن ٿا. اها الڳ آهي ته، خوبصورت سنڌ جي چمن کي ڪنهن باه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي. بدامني جي باه ۾ زندگيون ضايع ٿي رهيون آهن. امن تباه ڪرڻ ۾

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

ماخذ تحقیقی مجلہ

اسان سيني جو وڏو ڪردار آهي جو مظلوم سان گڏ بيهڻ کان لنوايُون ٿا. ظالم جي خوف کان متان ڪو نقصان نہ پهچائي، هي تہ بزدلي چئبي آهي، انهن ڳالهيُن ڪري هرڪو بي چين آهي، بي سڪون آهي. اهڙي ظلم خلاف امداد حسينيءَ چوي ٿو:

اهوئي شهر آهي

اي ڳوناٽا اهو ئي شهر آهي
رڳن ۾ رتَ بدران زهر آهي
حياتي آهہ پاڻيءَ کان بہ سهنگي
هتي نازل ٿيل ڪو قهر آهي
سڙي سيني ۾ دانگي ٿي وئي دل
هتي هرڪو بشر بي مهر آهي
ڏکا بس جا جهلي، هُن جو پچائي
وجون گهر تي تہ چوندا ٻهر آهي
هتي ميڪ اپ پنيان چهرو لڪل آ
۽ ڳالهائڻ منو ڪو زهر آهي
جُڳن کان جاڳندو لڪندو اچين گيت
سمجهي پئہ هاڻ پويون پهر آهي! (حسيني، ٢٠٠٠: ١١١)

تخليق احساس ۽ جذبن جو نالو آهي جڏهن واقعو دل تي اثر ڪري ٿو تخليقڪار بي چين ٿي انهيءَ کي سهڻن لفظن جو روپ ڏئي حسين بڻائي ٿو. پٽن، پانن، چارڻن، قاضي قادن، شاه ڪريم، شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل، سامي، بيدل فقير، مصري فقير، خليفو گل محمد هلائي، آخوند لطف الله، سيد فاضل شاهہ، سيد ثابت علي شاهہ، شمس الدين بلبل، مير عبدالحسين خان سانگي، الهہ بخش ابوجهو، مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، شيخ اياز، تنوير عباسي، حيدربخش جتوئي، عبدالڪريم گدائي، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي، بردو سنڌي، استاد بخاري، نياز همايوني،

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02



شمشير الحيدري، امداد حسيني، پارس حميد، ذوالفقار سيال، اياز گل، ادل سومرو، رفيق سيال، حسن درس، اسحاق سميجو، سيد سردار شاهه ۽ ٻيا سنڌي ادب جا سرموڙ تخليقڪار آهن، جن پنهنجي ٻوليءَ جي خزاني کي محفوظ ڪيو آهي. سنڌ جي تخليقڪارن هزار سالن جي سرمايي کي پنهنجن پختن خيالن سان محفوظ پئي ڪيو آهي. اڄ اسين پنهنجي لوڪ ڪهاڻين، قصن، داستانن، پرولين، ڏڻن، پهاڪن، اصطلاحن، محاورن، چوڻين، بيتن، ڳجهارتن، معمائن، نقل ۽ نظيرن، غزلن، وائُن، ڪافين، گيتن، نظمن ۽ آزاد نظم جن ۾ گونا گون موضوع شامل آهن، تن ۾ سنڌي سماج جي ڀرپور ترجماني پسي سگهجي ٿي. سنڌ هڪ عظيم خطو آهي هتي هزارين هنرمند ۽ پورهيت پيدا ٿيندا رهيا آهن جن جي بدولت سنڌ جو ماحول خوشگوار ٿيندو رهيو آهي. هتي هرقسم جي موسم ۽ قدرت جا عجيب نظارا جن تي هرڪو موهت ٿيندو رهيو آهي. جڏهن بهار اچي ٿي وليُون ۽ وڻ ڦولارجن ٿا چوطرف ساوڪ مان سرهاڻ اچي ٿي. پکي پَرَ کولي فضا ۾ اڏامن ٿا ۽ لامن تي لمحن ٿا تڏهن دل کي وڻن ٿا انهيءَ وقت شاعرن جي دل ۽ دماغ تي سهڻن نظارن جا منظر اهڙو تہ اثر ڪن ٿا جو زبان مان واه واه ٿي نڪري وڃي ٿي. انهيءَ وقت شاعرن جي ڪلام ۾ وطن جي حُب ڏسڻ وٽان آهي.

"دنيا ۾ سڀ کان پهرين باقاعده کيتي ٻاڙي سنڌ ۾ ڪئي ويئي. هتي زندگيءَ ۾ ٻہ لاڙا پيدا ٿيا: هڪ طرف ماڻهن کي شانتيءَ وارو ماحول مليو، جياپي جا وسيلا وڌيڪ مليا، ماڻهن ۾ وحشي پڻو گهٽ ٿي ويو، ٻئي طرف قدرتي آفتون بهرحال موجود هُيون جن ۾ ڪڏهن زلزلا، ٻوڏون، ڪڏهن سوڪهڙو تہ وري ڪڏهن زبردست برساتون هونديون هيُون. انهن ڪانسواءِ خونخوار جانورن يا بيمارين ذريعي ملندڙ موت جو خوف موجود هو ۽ انهن آفتن کي ماڻهو زنده متحرڪ روح سمجهندو هو تنهن ڪري انهن جي نقصان کان بچڻ لاءِ يا انهن کان فائدو وٺڻ لاءِ هو پوڄا طرف متوجهه ۽ هرشيءِ سان

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02

هن جو عقيدو منسلڪ ٿي ويو. اهڙي طرح زمين، جبلن، دريائن، باھ ۽ هوا تائين وڌي ويو.” ميمڻ، ٢٠١٧: ٢٦) سنڌ جي تخليقڪارن جي تخليقي عمل جي اييپاس مان جا ڳالھ آڏو اچي ٿي تہ، تخليق جي ناھ جوڙ ۾ قدرتي ماحول وڏو مددگار پئي رهيو آهي، جنهن مان تخليقڪار پنهنجي زباني ڪلامي توڙي لکڻين ذريعي پنهنجي فطري ماحول مان فيض حاصل ڪندو رهيو آهي. چوڻ واري جيڪو بہ چيو اهو ٻڌڻ واري لاءِ اتساھ جو سبب بڻبو رهيو آهي. لکڻ واري جيڪو تحرير ڪيو ان پنهنجي علم ۽ قابليت مطابق اسمن جي تعريف يا ڳالھ ۾ لکيو انهيءَ کي ڪيتري مجتا ملي سو اڳتي تحقيق اُن کي اجاگر ڪيو آهي.

**تحقيق:** “تحقيق” جي لاءِ پوري دنيا ۾ متفق طور تي رائج انگريزي اصطلاح آهي: ريسرچ (Research) هيٺ ڏنل ڪجھ مثال انهيءَ کي واضح ڪن ٿا تہ، تحقيق ڇا آهي:

(i) ڪنهن نامعلوم حقيقت جي ڳولا جي عمل کي تحقيق چئبو آهي (ii) گهري غور وفڪر سان گڏ ڪنهن شيءِ کي دريافت ڪرڻ تحقيق آهي (iii) عملي ۽ تحقيقي انداز ۾ ڪنهن چيز جي مختلف پهلوئن تي روشني وجهڻ ۽ انهيءَ کي واضح ڪرڻ تحقيق جي زمري ۾ اچي ٿو. (v) ڪنهن شيءِ جي بابت چند ڇاڻ جي عمل کي تحقيق چيو ويندو آهي ڪنهن چيز جي صحيح يا غلط هجڻ جي باري ۾ ثبوت ڏيڻ ۽ تجزياتي تبصرو ڪرڻ تحقيق جي دائره ڪار ۾ اچي ٿو.” (رانا، ٢٠٢٠ع: ١٧) جڏهن کان تخليق وجود ورتو آهي، تڏهن کان محققن انهيءَ تخليقي خيالن کي پنهنجي علمي جوت ۽ ڇاڻ سان پرکڻ شروع ڪيو آهي، ڪيل ڳالھ جي اصليت واسطي انهيءَ کي مختلف مرحلن مان گذاري هرشيءِ کي عقلي دليلن سان پرکي ۽ ان ۾ سماجي قدرن جو پتو لڳائي ۽ تخليق جي پهلوئن کي ڳولڻ جي تلاش ڪري اجاگر ڪري پيش ڪيو آهي.

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

جيئن تہ، موضوع جو تعلق تخليق، تحقيق ۽ تنقيد آهي. هن موضوع جو تعلق خالص ادب سان جڙيل آهي، انهيءَ جو پس منظر ۽ اپياس بہ انهن اصطلاحن تي رکيو ويو آهي. **"تحقيق"** جون بہ وڏيون شاخون آهن، جنهن مان هڪ کي علمي تحقيق ۽ ٻئي کي عملي تحقيق چيو وڃي ٿو. مٿي ڏنل موضوع جو تعلق علمي تحقيق جي دائري ۾ اچي ٿو. ۽ علمي تحقيق انهيءَ کي چئبو آهي جيڪو تاريخ، جاگرافي، ادب، مذهب، سياست، عمرانيات ۽ زبان ۽ ادب بابت سمورا علم ۽ فن شامل آهن." (رانا، ٢٠٢٠: ٢٣، ٢۴) هتي اڪثر ادبي تحقيق جي معلومات گهٽ هئڻ ڪري معياري تحقيق جو فقدان نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ جو سنڌي زبان ۾ فنِ تحقيق متعلق ڪي بہ چار ڪتاب نظر اچن ٿا، سي بہ ٻين ڪتابن تان اتاريل آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جيڪا تحقيق ٿيڻ گهرجي ها سا ٿوري مقدار ۾ ٿي سگهي آهي. ادبي تحقيق متعلق رانا سلطان محمود رقم ٿو ڪري، تہ:"زبان ۽ ادب جي حوالي سان ٿيندڙ تحقيق کي **"ادبي تحقيق"** چيو وڃي ٿو. ۽ ان ۾ فارسي، اردو ۽ عربي ۽ ڪنهن بہ زبان جي ادب کي نثر ۽ شعرن جي سرمايي سان تعلق رکڻ وارن مضمونن مان مراد آهي، محقق کي هي ڳالهہ هميشہ پنهنجي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ، ڪابہ تحقيق هڪ جاءِ تي بيٺل علم نہ آهي، پر ان ۾ روانگي ۽ تحرڪ ڏنو ويو آهي. تحقيق علم جي سمنڊ ۾ اٿيل اهڙي لهرهوندي آهي جنهن جي پنيان هڪ ٻئي لهر اٿندي آهي ۽ لهر پنيان لهر جو هي سلسلو جاري ساري رهندو آهي. هميشہ تحقيق جي علم ۾ نوان اضافا ٿيندا رهندا آهن، ۽ نيون حقيقتون سامهون اينديون رهنديون آهن." (رانا، ٢٠٢٠: ٢۵، ٢٦)، هت مسئلا ايترا آهن جو هرڪو سنڌي ادب ۾ ڪيل تحقيق تي آڱريون اپيون ڪري ويهندو آهي، جڏهن تہ دنيا ۾ ايئن ڪونهي اتي تحقيق جو قدر ان لاءِ بہ گهڻو آهي جو اتي جو ماحول تعليمي ۽ همت ڏياريندڙ آهي. سنڌي ادب ۾ ڪيل تحقيقن تي ماٺهو تمام گهڻو ڳالهائن ٿا تہ اسان وٽ معياري تحقيق جو فقدان آهي، پر ڳالهائڻ وارن

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02


وت اهو شعور ڪونهي تہ پلا پاڻ ڪا سني تحقيق جي روايت قائم ڪري ڏيکارين جن کي دنيا مڃي ۽ تسليم ڪري، اصل ڪم ڪرڻو ناهي ۽ اجائي ٻين جي ڪمن مان عيب ڪڍڻ جو شوق پورو ڪرڻو آهي، پاڻ ڪان محنت پڄي ڪونہ ٿي، چاڪاڻ جو علم ۽ مطالعي جي کوٽ آهي، جنهن ڪري ٻن سٽن ۾ عيب ڪڍي محققن کي لوئي واه واه ڪرائڻي آهي. هيءُ سنڌي جي محققن سان وڏو الميو آهي. ايئن بہ ڪونهي، تہ سيئي تحقيقون معياري آهن ۽ سيئي غير معياري آهن. تحقيق ۾ اهڙا بہ تحقيقي مقالا ضرور آهن جنهن ۾ فڪري تنگي (Tunnel Vision) محسوس ٿئي ٿي پر سيني کي انهيءَ سان ڳنڍي نہ ٿو سگهجي، اهڙي طرح جي سوچ رکندڙ تورا ماڻهو جيڪي فيسبڪ تي ڏنا وڃن ٿا، جن جي سوچ محدود آهي، جيڪڏهن اسان واقعي تحقيق جي سني معيار جا قائل آهيون، ۽ هرويرو جا عيب نہ ڪڍڻ جي نيت جا آهيون. ۽ تحقيق جي ذريعي آزادي، ترقي ۽ سماجي انصاف جي خوابن جي تعبير چاهيون ٿا تہ، اسان کي باقاعدي پنهنجو تحقيقي ڪم ڪري پاڻ مڃرائي ڏيکاريون ۽ اهڙن انقلابي قدمن جي ضرورت بہ آهي. جيئن تہ، تحقيق هڪ پائيدار ترقي جو تصور مهيا ڪري ٿي ۽ اهو جامع تصور ئي معاشري جي ترقي سان گڏوگڏ سماجي ترقيءَ جي لاءِ جواز فراهم ڪري ٿي. اهو بہ ڏٺو وڃي تہ، اسان جي يونيورسٽين ۾ تحقيق جو جامع تصور موجود آهي، جيڪو عوام جي سوچ، اظهار ۽ انتخاب جي آزادي جي اجازت ڏئي ٿو. هڪڙن کي تحقيقي ادارا مالي وسيلا ميسر ڪري سيئي سهولتون ڏين ٿا، تہ ٻيا وري پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري تحقيقون پيش ڪن ٿا. هتي هڪ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ، ڇا تحقيق جي اعليٰ ادارن ۾ سکڻ، سوچڻ، آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جا مڪمل موقعا حاصل ٿين ٿا هرگز نہ، سيکارڻ وارو پنهنجو روزگار بچائي ٿو، ۽ سکڻ وارو سني روزگار جي حاصل ڪرڻ لاءِ سوچي ٿو. اصل فقدان واري ماحول ۾ حاصل ڇا ٿيندو. تاريخ جا ڪتاب، لغاتون، چوندڪلام،

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

نصابي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ انتهائي ڪٺن ڪم ڪرڻ ڪنهن ڪان پڇي ڪونہ ٿو، جنهن ڪري تحقيق جو شاندار ۽ وقت ونندڙ ڪم سٺن شين ڏيڻ ڪان قاصر رهجي ويندو آهي، پر ڪابہ تحقيق پنهنجي جوهر ۾ هڪ وڪ اڳتي ضرور وڌائيندي آهي، ۽ پوئين تحقيق کي اجا بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جا جواز پيدا ڪري ڏيندي آهي. **"تحقيق"** ۾ هي نہ ٿو چئي سگهجي تہ، سنڌي ادب ۾ اڄ تائين جيڪا تحقيق ٿي گذري آهي، انهيءَ مان جيڪا معلومات آڏو اچي ٿي تہ انهيءَ ۾ اضافو نہ ٿيندو يا ترديد نہ ٿي سگهندي. بلڪل ٿيندي ۽ نوان ماخذ سامهون ايندا رهنداآهن، نيُن حقيقتُن جو علم دريافت ٿيندو رهندو آهي ۽ اهڙي طرح گذريل معلومات جي تصديق بہ ٿيندي آهي ۽ تڪذيب ۾ بہ اضافا ٿيندا رهندا آهن اهوئي سبب آهي جو بحث مباحثن جي صورت ۾ معتبر ۽ غير معتبر فيصلا هن وقت تائين ٿيندا پئي رهيا آهن. اڳ ۾ پيش ڪيل تحقيقن ۾ اهڙي صورت ڏسي سگهجي ٿي. ادبي تحقيقن جي تاريخن جي مطالعي مان اها ڳالهہ بہ عيان نظر اچي ٿي تہ، محققن پنهنجيُن پنهنجيُن تحقيقن دوران گهٽي مطالعي ۽ مشاهدي ڪان ڪم ورتو آهي، جنهن مان ان زماني جو ادبي ذوق ۽ تحقيقي جذبو شامل آهي. سنڌي محققن نثر ۽ نظم جي تحقيق جي طور طريقن جي هرطرح سان سٺي ۾ سٺي ۽ فني فڪري اصول کي ذڪر هيٺ آڻي اوک ڊوک ڪري، چڱا نتيجا ڏنا آهن، جن کي مڪمل طور فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. سنڌي ادب ۾ ڪيل تحقيقن جي مطالعي مان جيڪي نتيجا آڏو اچن ٿا تن جي معلومات مان اهو بہ نظر اچي ٿو تہ، سنڌي ادبي تحقيق جي اوسر ۽ ارتقا ۾ ڪيترين ئي مشرقي ۽ مغربي محققن جي تحقيقن مان استفادو حاصل ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ رقم ٿو ڪري تہ: "ادب کي روايتن ڪان ڪاٽڻ جو وڏو ڪارڻ مغربي ادب جون تحريڪون ۽ رجحان آهن. انهن مغربي ادبي تحريڪن ۽ رجحانن جو مطالعو ڪيو ويندو، تہ معلوم ٿيندو، تہ اهي ڪڏهن بہ هڪ ڪرائي نہ رهيا آهن. انهن

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

ٻہ وقت بہ وقت تبديلي ايندي رهي آهي، بلڪ هڪبئي جي ابتڙ تحريڪون، قدر ۽ رجحان بہ پيدا ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ ڪري انهن جي پيروي ۽ پابندي بہ سوچي سمجهي ڪرڻي پوندي آهي.” (ميمڻ، ١٩٩٣ع، ٢٣، ٢٤) تحقيق هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ مسلسل جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي، شين کي اصل روپ ۾ ڏسڻ، پرکڻ ۽ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ لازم امر آهي. موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، رسالن، اخبارن، انسائيڪوپيڊيا، گزيٽيئرس، ۽ ادبي تاريخن ۽ اڳ ۾ پيش ڪيل تحقيقن کي مطالعو ڪرڻو پوندو آهي، تڏهن تحقيق پنهنجي نون رخن ۾ جديد قدرن مطابق ڪي سنا نتيجا ڏئي سگهندي آهي. “ڪنهن واقعي جي اصل شڪل جو تعيُن انهيءَ وقت ٿيندو آهي جڏهن انهيءَ جو علم هجي. ڪيئن چئبو تہ هيءُ صحيح آهي جڏهن ڪنهن شيءِ جي معلومات نہ هجڻ، انهيءَ جي هجڻ جو دليل نہ ٿي سگهندو، جڏهن ادبي تحقيق ۾ ڪنهن امر جو وجود بہ تڏهن ظاهر ٿيندو جڏهن اهو واقعو انهيءَ صورت ۾متعين ٿي سگهندو جڏهن تحقيق جي اصول مطابق انهيءَ جي معلومات هجي. واقعي جو ننڍو يا وڏو هجڻ اهم يا غير اهم هجڻ، ادبي تحقيق ۾ ڪابہ مستقل حيثيت نہ ٿو رکي. هي صفائي لفظن جي صرف انهيءَ صورتحال ڏانهن اشارو ڪندي آهي جنهن ۾ انهيءَ واقعي کان ڪم ورتو وڃي ٿو.” (رشيد حسن خان، ٢٠١٩ع،٧) وقت انسان کي سيکاريندو آهي تہ، هُو جدت جي آجيان ڪري، انهيءَ ڪانسواءِ سندس چارو ڪونهيءَ، انسان جي هميشہ کان ڪوشش رهي آهي تہ، هُو پنهنجي ماحول ۽ سماج سان جڙيل رهي ڪري ڪا نئين شيءِ کي ايجاد ڪري ڏيکاري جا ڳالھ ٻين کي پسند اچي جنهن مان انفرادي ۽ اجتماعي فائدي ٿيڻ جي اميد هجي. اهڙي طرح “تحقيق بہ هڪ مسلسل عمل آهي. نون واقعن جو عمل ٿيندو رهندو آهي. هي نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڪهڙي حقيقت ڪيترن پردن ۾ لڪل آهي. اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ، پردا درجي بہ درجي کلندا آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ تحقيق ۾

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02


اصليت جو تعين، انهيءَ وقت تائين حاصل ڪيل معلومات تي مبني هوندي آهي. جيڪا واضح هجڻ گهرجي ته ان مان نئين معلومات جا امڪانن جي نفي نه ٿي سگهندي، ليڪن هيءَ ڳالھ به انهيءَ قدر وضاحت سان ڳڻ سمجهڻ گهرجي ته محض اينڊڙ دور جي امڪانن جي بنيادن تي انهن ڳالهين کي بطور واقعو نه ٿو مڃي سگهجي جو اڄ تائين هڪ قياس آرائي جو ڪرشمو هُجي. جڏهن به اهڙي نئين معلومات حاصل ٿيندي جيڪا اصولِ تحقيق جي مطابق قابل قبوهجي، ته انهيءَ کي لازمي قبول ڪيو ويندو ۽ انهيءَ مطابق صورتحال کي تسليم ڪيو ويندو.” (رشيد حسن خان، ۲۰۱۹ع،۹، ۱۰) رشيد حسن خان لکي ٿو ته:“تحقيق ۾ دعويٰ، سندَ ڪانسواءِ قابلِ قبول نه ٿيندي ۽ سند جي لاءِ ضروري آهي ته اها قابل اعتماد هجي. قابل اعتماد هجڻ، مختلف حالتُن ۾، مختلف حڪمن تي منحصر ٿي سگهي ٿي. انهيءَ جي قطعي حد بندي ته مشڪل آهي، ليڪن انهيءَ سلسلي ۾ بنيادي ڳالھ هيءُ آهي ته بظاهر حالتون، حوالا، مشڪوڪ ۽ نامعلوم نه هجن. ۽ دليل، منطق جي خلاف نه هجن. روايت جي سلسلي ۾ ان جي وڏي اهميت آهي ته، راوي ڪير آهي.” (رشيد حسن خان، ۲۰۱۹ع: ۱۰)، سنڌي ادب ۾ باقاعدي تحقيق جي شروعات ورهاڱي ڪانپوءِ ٿي ڏسجي جنهن ۾ جدت سان ڳڻ جديد لاڙن جو رواج ڏسجي ٿو. “سن ۱۹۳۰ع ۽ ۱۹۴۰ع جي وچ ڏاري مغربي مصنفن جو اثر مشرق تي تمام گهرو پيو. نه فقط هندستان پر برما، چين، جاپان، ترڪي، ايران ۽ مشرق وسطيٰ جي ملڪن تي به هي اثر انگلنڊ مان شروع ٿيڻ واري تحريڪ سان ظهور پذير ٿيو، جنهن جي پنيان انقلابي سياسي خيالات هئا. سنڌي ادب تي انهن تحريڪن جو گڏيل اثر پيو آهي. انهيءَ عرصي دوران دوران ئي سنڌ ۾ جدت جي تحريڪ شروع ٿي. جيتري قدر سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ جو تعلق آهي، ته ان چوڻ ۾ وڏاءُ نه آهي ته شمس الدين “بلبل”، ڪشنچند “بيوس” ۽ حيدربخش جتوئي جدت پسند تحريڪ جو ٻوٽو پوکيو. شيخ عبدالرزاق

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

“راز”، نارائڻ “شيام”، هري دلگير، شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر اياز قادري ان جي ابياري ڪئي.” (ميمڻ، ١٩٩٣ع: ٥٢، ٥٣) سنڌي ادب ۾ نون لاڙن ۽ فڪري ڪمن ڪي ڏسي سنڌي زبان جي محققن نظم توڙي نثر جي صنفن ڪي ادبي اصولن جي روشنيءَ ۾ جانچڻ ۽ پرکڻ لڳا ۽ انهن جي کوج جو پتو لڳائڻ لاءِ وڏي محنت ۽ مطالعي سان پيش ڪيل ڪم جي ته تائين پهچي ڪن نتيجن جو اظهار ڪيائون. “سنڌي ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي مختلف پهلوئن تي ڪيترائي محقق ۽ عالم مقالا لکندا رهيا آهن...سنڌ جا بي مثال اديب ۽ محقق جيڪي ماضي قريب ۾ جهان ڇڏي چڪا آهن، تن مان دين محمد وفائي، علامہ آءِ آءِ قاضي، پروفيسر محبوب علي چنہ، پروفيسر لطف الله بدوي، احسان بدوي، ساقي سجاولي، غلام حيدر گبول، عبدالحسين شاه موسوي عطا حسين شاه موسوي، الله بچايو سمون، غلام محمد گرامي، مولائي شيدائي، پير حسام الدين راشدي ۽ عطا محمد حامي وغيره جو ڪم نهايت نمايان ۽ سنڌي زبان جو بيش بها خزانو آهي.”(جوڻيجو، ٢٠٠٦ع: ٢٥١)، هن وقت اسان وٽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو موجود ڪونهي، پر سندس تخليقي، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، اهڙي ريت پروفيسر علينواز جتوئي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر دائود پوٽو، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، سراج ميمڻ ۽ ٻين سنڌي ادب ۾ بهترين ڪم ڇڏي ويا آهن جن ڪي اڳتي وڌائڻ جي ذميواري اڄ جي نوجوان محققن تي رکيل آهي، ڏسون اهي انهن جي ڇڏيل فڪري ڪم ڪي جديد قدرن ۽ معيارن جي روشني ۾ ڪهڙي ريت اڳ ۾ پيش ڪيل تحقيقي ڪم ڪي اڳتي وڌائي پيش ڪن ٿا. ۽ پنهنجي همعصر دؤر جي

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02



نقادن کي کھڙا موقعا فراهم ڪن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، مسٽر ڪرين برنٽن (Crane Brinton ) جو حوالو ڏيندي لکي ٿو، تہ: "انسان جنهن بہ دور مان لنگهيو آهي، ان کي هُن جديد دور سڏيو آهي"، ۽ هن طرح انسان جي تاريخ جو سڄو عرصو جديد دورن جو عرصو رهيو آهي. پر جدت جو هي تصور ڪڏهن بہ اسان جي دور کان اڳ ۾ صاف طور قبول ڪيو يا سمجهيو نہ ويو آهي. اسان جو دور جيڪو سائنس ۽ فلسفي جي انتهائي آخري مقام وارو دور آهي، تنهن ۾ جدت جي سوال کي عقلي بنيادن تي استوار ڪيوويو آهي، ۽ هن ئي دور ۾ ادب جي سوال تي جديد ۽ قديم يا جدت پسند ۽ قدامت پسند ادب جا سوال اٿاريا ويا آهن." (ٻوهيو، ٢٠١٣ع، ١٥٦، ١٥٧)، اڄوڪي دور ۾ سمورن شعبن لاءِ وڏا وڏا چئلينج ڪر کڻي بيٺا آهن تہ اج جي ادبي تخليق، تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ للڪارون ٿي رهيون آهن، هڪ طرف ٻوليُن جي بچائڻ جو سوال آهي تہ ٻئي طرف ڪمپيوٽر ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي جدت مڃتا ماڻي رهي آهي، سنڌي اديبن مان سڄاڳ ذرين کي ڳڻتيون ورائي ويون آهن تہ ٻوليءَ کي ان صورتحال ۾ ڪيئن بچائجي. اديبن، شاعرن، محققن ۽ نقادن جون پاڻ ۾ ڪانفرنسون، سيمينار، ورڪشاپ تہ، سُٺي ڳالهہ، مگر نوجوانن کي سکيا کان محروم رکيو پيو وڃي جنهن ڪري ايندڙ دور ۾ اُن جا نتيجا درست ڪونہ نڪرندا. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ ڪٿي بہ نظر نہ ٿي اچي. هن وقت ٻولين کي تعليمي ادارن ۾ نئين راه تي آڻي ۽ محفوظ ڪري سگهجي ٿو. درسگاهون ئي مستقبل ۾ سنا تخليقڪار، محقق ۽ نقاد پيدا ڪري سگهن ٿيون. سنڌ صوبي ۾ شاگردن جي ڀلي لاءِ هڪ اهڙي حڪم نامي صادر ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ واضح چيل هجي تہ، هرقسم جي امتحان ۾ سنڌي زبان جا سوال شامل ڪيا وڃن. سنڌ جي سمورن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبا قائم ٿيڻ گهرجن. سموري سنڌ ۾ هڪڙو واحد ڪاليج آهي، گورنمينٽ بوائز ڊگري

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

ڪاليج محرابپور جنهن ۾، سنڌي شعبي ۾ چار سالا بي ايس پروگرام شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جا نتيجا ڏاڍا سٺا نڪرندا، پر انتظاميہ نہ ٿي چاهي تہ اهو پروگرام ڪامياب ٿئي ۽ هتان جو هڪ استاد جيڪو ايم. فل آهي تنهن کي بدلي ڪيو ويو آهي. هيءُ پروگرام ڀهراڙيءَ جي پوئتي پيل ذهين شاگردن ۽ خاص طور شاگردياڻين کي وڏو فائدو ڏيندو جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ فخر جو باعث بڻبو. خبر ناهي ڇو سنڌي ٻوليءَ جي ترقي وارن پروگرامن جي مخالفت ڪئي پئي وڃي، جيڪو ٻوليءَ سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ نہ رکيو وڃي. هن ڳالهہ جو ادراڪ هجڻ ضروري آهي تہ زبان جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ تعليمي ادارا ئي ٻوليءَ جي بچاءُ جو محفوظ هنڌ آهن. ٻوليون تڏهن ترقيءَ وارن گسن تي هلنديون، جڏهن انهن کي تعليمي ادارن ۾ آندو ويندو ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي گهرجن تي تجربا ۽ مشاهدا ٿيندا، تڏهن ئي ٻولي ترقي ڪندي، ان ۾ نوان رنگ نکري نروار ٿيندا ۽ جديد قدرن جي پرچار ٿيندي رهندي.

ڏنو وڃي تہ اجا تائين سنڌي زبان هرخطري کان محفوظ آهي. اگر تعليمي ادارن ۾ ان کي لاڳو نہ ڪيو ويو تہ جديد ٽيڪنالاجي غير تجرباتي ٻوليُن کي بي رحماڻي نموني ڳڙڪڻ ۽ ڳهڻ ۾ دير ڪونہ لڳائيندي. ڪي مخصوص ذريون چاهين ٿيون تہ سنڌي ادب جي تاريخي ۽ علمي ادبي حيثيت کي نقصان ڏنو وڃي، انهيءَ لاءِ ڪي ڳجهيون قوتون پنهنجا هر قسم جا حربا استعمال ڪري رهيون آهن، ها اهو تڏهن ٿي ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن غيرمنفي رويو اختيار ڪندو. ۽ سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت تان هٿ ڪڻندو ۽ ان جي وارثي نہ ڪندو. اهڙي قسم جو ٻيو ڪردار خاص طور پرائيويٽ اسڪول ادارا ڪري رهيا آهن، جتي سنڌي ٻوليءَ کي هرممڪن ڪوشش ڪري نصاب مان نيڪالي ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش جاري آهي. سنڌي زبان ۾ مثبت ۽ اصطلاحي تنقيدي سوچ کي اجاگر ڪرڻ گهرجي، جنهن جا بهترين نتيجا آڏو ايندا ۽ تخليق، تحقيق ۽ تنقيد جي

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02



راه کُلي پوندي جنهن سان سنڌي زبان جي وجود کي اجان وڌيڪ مضبوط ۽ مربوط ڪري سگهندا سين. هن وقت سنڌي تخليقڪار ۽ محقق ڏپ ۾ مبتلا آهي ته، تنقيد نہ ڪئي وڃي، جڏهن تہ صحتمند تنقيد کان ڏپ نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ هر اصطلاحي تنقيد جي آجيان ڪرڻ گهرجي. اصطلاحي تنقيد شين کي اجاريندي آهي.

**تنقيد:** تنقيد جو علم مطالعي سان وڏنڌو آهي، جنهن جو تعلق نقاد جي شعور ۽ فهم شناسي سان تعلق رکي ٿو. جيترو نقاد پڑهيو لکيو هوندو ايترو ئي ڪنهن بہ فن پاري جي پرک دانائي ۽ ادراڪ سان ڪندو آهي. اسان وٽ هن وقت نقاد کي اڪثر علمي جواب ڏيڻ بجاءِ ذاتي دشمني يا ايتري قدر جو گارين تي بہ لهندو آهي ۽ ناراضگي الڳ هوندي آهي، جنهن ڪري تنقيد وارو ڪم مانو نظر اچي ٿو. تعريف ۽ اجائي ساراه ادبي نقصن ۾ شامل آهي. صحتمند تنقيد ڪنهن بہ تخليق کي اجاريندي آهي. سڀ کان اول تخليق کي سمجهڻو پوندو چاڪاڻ جو انهيءَ جو بنيادي مقصد ڪهڙو آهي، ۽ انهيءَ ڪانپوءِ ئي صحتمند تنقيدي معيار آڏو رکي شين جي پرک درست نموني ڪري سگهبي.“ادب جي نقشي تي تنقيد جون سرحدون تمام واضح آهن. يعني ان جي هڪ چيزي تي فهم (Appreciation) آهي ۽ ٻئي چيزي تي جماليات (Aesthetics) آهي. اسان جيڪڏهن غور ڪندا سون تہ نظر ايندو فنڪار جڏهن بہ ڪا تخليق ڪندو آهي، تڏهن هو منجهس معنيٰ ۽ سونهن کي ڳنڍيندو آهي. پڑهندڙ يا نقاد جو ڪم سڀ کان پهرين ان مان معنيٰ ڪڍڻ ۽ محسوس ڪرڻ آهي، تنهن کان پوءِ ان تخليق جي سونهن تي نظر وجهڻ آهي. ان ڪري نقاد لاءِ ضروري آهي تہ هو پاڻ بہ ان صنف ۽ موضوع تي مهارت رکندو هجي.” (ابڙو، ٢٠١٥: ٣٠) مذڪوره موضوع ٽن اسمن سان تعلق رکي ٿو، ۽ ٽنهي موضوعن ڪانسواءِ دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادب ترقي واري صورت

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

اختيار نہ ٿو ڪري سگهي. مختصر نموني ۾ لکيل مذڪوره تحقيقي مقالي مان هيٺين طرح جو نتيجو آڏو آيو آهي.

**نتيجو:** مجموعي طور تحقيق مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي تہ، تخليق، تحقيق ۽ تنقيد جو بنيادي مقصد هي آهي تہ مختلف دورن ۾ ادب جي مختلف صنفن جي صورت ۾ ادب تخليق، تحقيق ۽ تنقيد هيٺ ايندو رهيو آهي. هردور اڳ واري دور کان مختلف هوندو آهي ۽ شين جا روپ تبديل ٿي نوان رخ اختيار ڪنداآهن، جنهن ڪري تخليقڪار، محقق ۽ نقاد پنهنجن رخن کي جدت طرف موڙينداآهن. فطري طور پراڻين شين جي جاءِ تي نيون شيون نوان جواز پيدا ڪنديون رهيون آهن. اها ئي ادب جي ارتقائي صورت آهي، جيڪا ڏاڪي بہ ڏاڪي جدت سان جواز (Reason) پيدا ڪندي رهندي آهي. سنڌي ادب جي تاريخن جي مطالعي مان پڻ اهڙيون شيون آڏو اچن ٿيون جن مختلف دورن ۾ متعيُن ٿيل جواز سڌي يا اڻسڌي طرح سنڌي ادب ۾ داخل ٿيون آهن.

## حوالا

١. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر: (٢٠١٦ع)، _ سنڌي ادب جو فڪري پس منظر _ (ڇاپوٻيو)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ

٢. حسيني، امداد: (٢٠٠٠ع)، _ هوا جي سامهون _ (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

٣. رانا، سلطان محمود، (٢٠٢٠ع)، _ فنِ تحقيق _ مباديات، اُصول اور تقاضَي _ (تحقيق وتاليف)، پنو پرنٽنگ پريس، لاهور.

٤. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر: (١٩٩٣ ع) _ سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس _ (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 6, Issue 4, (Oct to Dec 2025)
https://doi.org/10.47205/makhz.2025(6-IV)urdu-02
ماخذ تحقیقی مجلہ

۵. رشيد حسن خان، (۲۰۱۹ع)، _ ادبي تحقيق مسئلا ۽ تجزيا _ پٽو پرنٽنگ پريس، لاهور.

٦. جوڻيجو، عبدالجبار: (۲۰۰٦ع) _ سنڌي ادب جو مختصر جائزو _ (ڇاپو پنجون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

۷. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر: (۲۰۱۳ع) _ ادب جا فڪري محرڪ_ (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

۸.ابڙو، بدر: (۲۰۱۵ع) _ تنقيد ۽ تنقيد نگاري _ ارتقائي جائزو_ (ڇاپو پهريون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.